ڊاڪٽر ام ڪلثوم شاهه

# شاهه لطيف ۽ ڀڳت ڪبير، هڪ رستي جا راهي


***Abstract***

"Mysticism" or "Tasawuf" or "Vedaanta" is the basic philosophy of Sub-Continent. Many thinkers are of the view that this philosophy is based on the existential thought process which evolved naturally like seeds. Thought content of Shah Latif is a continuum of Vedas. A paradigm that is predominantly prevalent in history with a variety of names. No matter which religion of the world is taken, one finds humanity at the very heart of it. This is the reason that Shah Latif has propagated humanism in its pure and simple form. Concept of religion, according to Shah, is the renaissance of human qualities. Bhagti movement in India was also a link that chain, in which Guru Nanak, Nam Deve and Kabir Bhagat spread the message that is already overflowing in the soul of the soil. This paper is based on a comparative study of the message and art of Shah Latif and Kabir Bhagat. In other words, Vedanta and mysticism are studied with a view to explain truth and veracity. Kabir Bhagat, Dado Dayal and Tulsi Das have been highly influential in Sindh. Kabir Bhagat says:

"Erudite endures and ignorant enjoys,
Poor nascent know not, whose only chore is to fill belly."

جانت کو دُکه ہے، اجانت کو سکهراج،
مورکه بچاره کیا جانے جنین پیٹ بهرن
سون کاج۔

Exactly the same sort of expression is found in Shah Latif:

"May I not be sapient, for sapient suffers?
Beloved has bestowed blessings because of benightedness."

الا ڏاهي م ٿيان، ڏاهيون ڏک ڏسن،
مون سان مون پرين ڀورائي ۾ ڀال ڪيا.

Both present a universal concept of God, who is ubiquitous and resounds in every heart beat. Though, both poets represent different eras, they exhibit staking similarities in their

thought. Both are of the view that temporal temperament and mundane mindset deviate us from God; both define love in the same way; both believe in carving the self from shapeless stone to a splendid statue through pain, patience, severance, persistence & pertinacity. Kabir has repeatedly expressed his grave concern over belittlement of ingenious people. Shah Latif seems to agree with Kabir when he says:

"Supporters have subsided and customers are cut-down"

قدر وارا کم ٿيا، ڪُٿا خريدار.

Or

"Fake and false is facilitated and truthful is turned down."

اگھيو ڪائو ڪچ، ماڻڪن موٽ ٿي،
پلئه پايو سچ، آچيندي لڄ مران.

Both deem life as a sustained struggle: where as both consider arrogance, conceit say that, "Shah is indebted to Indian philosophy, but in order to fully comprehend his original diction, thought content and his uniqueness, one has to understand the ideology of Sindhisim.

ادب انساني زندگيءَ جي مختلف پهلوئن، واقعن ۽ حقيقتن جي تاجي پيٽي مان اڻجي تيار ٿئي ٿو. هيءَ هڪ اهڙي زنده چيز آهي جيڪا ارتقاءَ جي مسلسل عمل مان گذرندي رهي ٿي ۽ شاعري جيڪا ادب جو هڪ نهايت اهم ۽ سگهارو حصو آهي اهو به بدلجندڙ انساني فڪر ۽ سوچ سان گڏ ترقيءَ جي عمل ڏانهن مائل رهي ٿو. اها هڪ مڃيل حقيقت آهي ته دنيا جو ڪوبه ڏاهو، ڪوبه ڏات ڏڻي پنهنجي دور جي ادبي ماحول، ادبي روايتن ۽ ان ميدان ۾ پنهنجي ڏاهپ ۽ ڏات جو سڪو ڄمائيندڙن کان متاثر ٿيڻ کانسواءِ رهي نه ٿو سگهي. بهرحال اهو سندس ذهني پهچ تي منحصر آهي ته هو پنهنجن وڏن ۽ همعصرن کان ڪيئن ۽ ڪيترو متاثر ٿئي ٿو ۽ پنهنجن پوئين تي ڪيترو اثرانداز ٿئي ٿو. بقول ڊاڪٽر تنوير عباسيءَ جي:

"ڪن شاعرن جي ذهني ارتقا ان ماحول کان متاثر ٿيڻ جي حد تائين ختم ٿي ويندي آهي، پر عظيم، منفرد ۽ ڪلاسيڪي شاعر اها حد ٽپي پنهنجي ذهني بلوغت کي پهچي، پنهنجي انفرادي اسلوب ۽ ٽيڪنڪ گهڙي، پنهنجي دؤر توڙي پوءِ ايندڙ دور تي پنهنجي انفراديت جي ڇاپ هڻي ڇڏيندا آهن."(1)

۽ شاهه لطيف بيشڪ اهو عظيم شاعر آهي جنهن پنهنجي شاعريءَ جو بنياد ڪنهن جي تقليد تي نه پر پنهنجي بي انت مشاهدي، اندر جي آواز، پنهنجي ذات ۽ تخيل تي رکيو. جنهن جي ڪري نه رڳو پنهنجن ڪيس جيءَ ۾ جايون ڏنيون پر ڌارين به انجي عظمت کي سلام ڪيو. ڊاڪٽر ايچ ٽي سورلي چوي ٿو:

”تخيلاتي فن جي دنيا ۾ هن جهڙو اعليٰ انسان، سنڌ اڃا تائين پيدا نه ڪيو آهي. هي ڪلهوڙا دور جو حقيقي گوهر آهي.“(2)

شاهه سائين جي دور ۾ سنڌي شاعريءَ کي جن ٻين ٻولين مختلف طريقن مثال طور: جوڙجڪ، موضوع، نظرين وغيره جي حوالي سان متاثر پئي ڪيو، تن ۾ هندي زبان به شامل هئي. ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو ان ڏس ۾ لکي ٿو، ”بنيادي طور جنهن ريت سنڌي شعر اتساهت ٿيو، ان ۾ ٻن اثرن کي ڳڻپ سگهجي ٿو: هڪ هندي شاعريءَ جو اثر موضوع ۽ هيئت جي مدِنظر ۽ ٻيو اسلام جو اثر، عقيدي ۽ ورثي جي لحاظ کان.“(3)

ڏٺو وڃي ته سنڌي شاعريءَ تي هندي شاعريءَ جو اثر تمام آڳاٽو آهي ۽ انکي سمجهڻ ڪو ڏکيو نه آهي چو ته اها حقيقت آهي ته اڻ ورهايل هندستان ۾ هندي ۽ سنڌي ڀن جاڙين ڀينرن وانگر جايون، نپنيون ۽ ساڳئي ماحول ۾ پروان چڙهيون، وڌيون ۽ ويجهيون. ان ڪري انهن جو هڪٻئي تي اثرانداز ٿيڻ هڪ فطري ڳالهه آهي.

موضوعن جي لحاظ کان ڏسجي ته شاهه سائين جي شاعريءَ جو اهم موضوع بلڪ حاوي موضوع آهي ”تصوف“ ۽ ان دور توڙي ان کان اڳ هندي شاعريءَ جو اهم موضوع هو ”ويدانت“. ”تصوف“ ۽ ”ويدانت“ جو پاڻ ۾ انتهائي گهرو تعلق آهي. پروفيسر ڄيٺمل پرسرام لکي ٿو:

“When Sufism as such first come in India can not be ascertained. Ofcourse the spirit and teaching of Sufism are completely found in “Vedanta”.(4)

ڊاڪٽر تنوير عباسي پنهنجن خيالن جو اظهار ڪندي چوي ٿو:

”ايراني تصوف تي برصغير جي ويدانت جو اثر ٿيو ۽ اهو موٽي سنڌ ۾ فارسي شاعرن ذريعي پهتو.“(5)

”ويدانت“ ۽ ”تصوف“ جي نظرياتي هڪجهڙائي بابت ڄيٺمل پرسرام چوي

ٿو، ”اها حقيقت آهي تہ پوري ايشيا ۾ هندستان سميت اهڙو ڪو ملڪ مشڪل سان لڀندو، جت تصوف جي ٻن عظيم تهذيبن يعني هندو تصوف يعني ”ويدانت“ ۽ عربي تصوف ۽ ايراني تصوف جو ايڏو حسين امتزاج هوندو، جهڙو سنڌ ۾.“(6)

”ويدانت“ ۽ ”تصوف“ جي باهمي تعلق يا هڪجهڙاين جي بحث کي ڇڏي هڪ ڳالهہ تہ بهرحال طئي آهي تہ برصغير ۾ ويدانت جو فڪر ۽ فلسفو تمام پراڻي زماني کان رائج رهيو ۽ تصوف پوءِ متعارف ٿيو، بعد ۾ ٻنهي نظرين هتان جي شاعرن کي پنهنجن سچ ۽ حق جي اصولن کان متاثر ڪيو.“

ان فڪر ۽ فلسفي جي هڪجهڙائي هندي ۽ سنڌي شاعرن کي هڪٻئي جي قريب آندو ۽ بقول ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي جي تہ:

”ان سلسلي ۾ هندي شاعرن: ڪبير (1518ع کان 1532ع)، دادو ديال، (1544ع کان 1602ع) ۽ تلسي داس (1532ع کان 1623ع) جو سنڌ ۾ خاص اثر ڏسڻ ۾ اچي ٿو.“(7)

هت اسين صرف ڪبير ۽ شاهہ سائين جي شاعريءَ ۾ مختلف هڪ جهڙاين تي روشني وجهنداسين.

”کہے بھگت کبیر“ نالي منتخب ڪلام ۾ ڏنل هڪ دوهي ۾ ڀڳت ڪبير چوي ٿو:

جا کارن جگ ڈھونڈھیا، سو تو گھٹ ہی ماںہہ،
پردہ دیبا بھرم کا، تاتیں سوجھےناںہہ۔ (ص: 27)

(يعني جنهن مالڪ جي سڄي دنيا ۾ ڳولا ڪيم، اهو تہ اندر ۾ ئي موجود آهي، بس ان بي يقينيءَ جو پردو وجهي ڇڏيو آهي، ان ڪري نظر نٿو اچي.)

اهو ساڳيو موضوع شاهہ سائين وٽ تمام گهڻو ملي ٿو: مثال طور: سُر ”سسئي آبري“ ۾ چوي ٿو:

جو تون ڏورئين ڏور، سو سدا آهي ساڻ تو،
لالن لئہ لطيف چئي، منجهي ٿي معذور،
منجهان پئہ پروڙ، تو منجهہ آهي تڪيو.
(شاهواڻي، ص 295)

ڪونهي ات ڪوهيار، جت تو پوري پانئيو،
پند مَ ڪر پهاڙ ڏي، وجود ئي وٽڪار،
ڏاريان پانئج ڏار، پڇ پريان ڪر پاڻ تون.
(شاهواڻي، ص 293)

سُر ”آسا“ ۾ چوي ٿو:

پاڻ پردو پاڻ ڪي، طالب سٽيج تون،
نه ڪا ها نه هُون، پڙدا سپ پاسي ٿيا.
(شاهواڻي، ص 727)

ڪبير چوي ٿو:

سمجھے تو گھر میں رہے، پرسا پلک لگائے،
تیرا صاحب تجه میں، انت کہوں مت جائے۔
(کہے بهگت کبیر-ص 27)

۽ لطيف سرڪار ساڳئي مطلب لاءِ فرمائي ٿو:

وڃين ڇو وٽڪار، هت نه ڳولين هوت ڪي،
لڪو ڪين لطيف چي، ٻاروچو ٻئي پار،
ٿي ستي ٻڌ سندرو، پرت پنهونءَ سين پار،
نائي نيڻ نهار، تو ۾ ديرو دوست جو.
(شهواڻي، ص295)

وڌيڪ وضاحت ڪندي فرمائي ٿو ته اي پوري (سالڪ/بندا) تنهنجو صاحب تنهنجو مالڪ ته تنهنجي پنهنجي اندر ۾ موجود آهي، تنهنجي روح ۾ رچيل آهي، بس تون رڳو ان کي سڃاڻڻ جي ڪوشش ڪر، هو ته هر وقت تنهنجي ساهه پساهه ۾ آهي، بس تون خود انکي سڃاڻڻ ۾ ڪوتاهي پئي ڪرين ۽ سُر سسئي آبري ۾ چوي ٿو:

هوت تنهنجي هنج ۾، پڇين ڪوهه پهي،
”وَفي انفُسڪم، اَفلا تبصِرُون“، سوجهي ڪر سهي،
ڪڏهن ڪانه وهي، هوت ڳولڻ هت تي.
(شاهواڻي-306)

هوت تنهنجي هنج ۾ پڇين ڪوهه پرياڻ،

”وَنَحن اَقَرَبُ اِلَيه مِنَ حَبلِ الورِيد“ تنهنجو توهي سانڻ،
پنهنجو آهي پاڻ، آڏو عجيبن کي.
(ش - ص 306)

اڳتي سر آسا ۾ لطيف سائين چوي ٿو:

اسين سڪون جن کي، سي اسين پاڻ،
هاڻ وڃ گمان! صحيح سڃاتا سپرين.
(ش ص-722)

ٻنهي عظيم شاعرن ۾ الڳ دور، الڳ سماجي توڙي مذهبي ماحول جي باوجود خيال، نطريي توڙي اظهار ۾ ڪيڏي نه هڪجهڙائي آهي!

ڪبير چوي ٿو:

کبیرا شبد شریر میں بن گن باجے تانت
باہر بھیتر دم رہا تانتیں چھوتی بھرانت

(اي ڪبير، منهنجي جسم جي اندر ڄڻ تارون خودبخود وڄي رهيون آهن، هڪ اهڙو ساز ۽ آهنگ اندر ۾ به آهي ته ٻاهر به)

”ڪبيرباني“ ۾ چوي ٿو:

بن کر تانتیا ناد گاتا رہے
جتن جرنا لیا سدا کھیلے
کہے کبیر پران سندھ میں ملاوے
پرم سکه دھام تہاں پران میلے۔ (کبیربانی ص 106)

(آڳرين سان ڇيڙڻ کان سواءِ ئي تارن مان گيت نڪري رهيا آهن، غم ۽ خوشيءَ جا ڪيل جاري آهن. ڪبير چوي ٿو ته جيڪو پنهنجو روح، روح ازل (واحد وجود) سان ملائي ڇڏي ٿو، ان جو روح سڪون جي درياءَ ۾ ٻڏي وڃي ٿو.)

شاهه سائين سر ڪلياڻ ۾ چوي ٿو:

رڳون ٿيون رباب، وڄن ويل سپڪهين،
لڇڻ ڪڇڻ ڪين ٿيو، جانب ري جباب،
سوئي سنڌيندم سپرين، ڪيس جهه ڪباب،
سوئي عين عذاب، سوئي راحت روح جي.

(ش - ص 79)

سُر ”آسا“ ۾ چوي ٿو:

تن تسبيح من مٺيو، دل دنبورو جن،
تندون جي طلب جون وحدت سُر وڄن،
”وحده لاشريڪ له“ اهو راڳ رڳن،
سي ستائي جاڳن، ننڊ عبادت ان جي.
(ش ص: ؟)

محبوب جي محبت جنهن من ۾ ائيي پهر موجود هجي، ڪنهن به قسم جي ڪا ٻي تات نه هجي ته بندي جو انگ انگ، انجي لوءِ لوءِ، پرين جي حضور ۾ حاضر رهي، انجي ذڪر ۾ مصروف رهي ٿي. ”فنا في الله“ جي ان ڪيفيت ۾ بندي جي من جون تارون ازخود محبوب جي ياد ۽ تات ۾ وڄڻ لڳن ٿيون. هن لاءِ پنهنجو وجود باقي نٿو رهي. هن جو روح، روح ازل ۾ تحليل ٿي وڃي ٿو. لطيف سرڪار چوي ٿو ته ان حالت ۾ اهو محبوب ئي مونکي سنيالي وٺندو، جنهن پنهنجي عشق جي اسير پ نصيب ڪئي آهي ۽ اهو ئي پنهنجي حضور ۾ حاضري قبول ڪندو.

ڪبير چوي ٿو:

نام رتن دهن پائے کے، گانٹھی باندھ نہ کھول،
ناہین پن نہیں پارکھو، نا گاہک نا مول۔
(ک بہ ک - ص 31)

(جيڪڏهن توکي نام جو رتن (ماڻڪ/جوهر) هٿ اچي وڃي ته اهو ڳنڍ ۾ ٻڌي ڇڏ، ڪنهن کي کولي نه ڏيکار، ڇاڪاڻ ته نه انجو ڪو قدردان ۽ پارکو آهي، نه خريدار ۽ نه ئي ڪا قيمت (انمول آهي انجي قيمت چڪائڻ هرڪنهن جي وس جي ڳالهه نه آهي.)

ان ئي مطلب ۽ مقصد جو اظهار شاهه سائين اجهو هينئن ٿو ڪري، سر سريراڳ ۾ چوي ٿو:

املهه آچ مَ ان کي، جي نه پروڙين مٽ،
جت ڳڏجي جوهري، ماڻڪ تنهين مٽ،
جنين سور سين سٽ، تن هٽي رِيءُ رد ڪيو.

(ش - ص 175)

اڳتي چوي ٿو:

جي نه سڄاڻن سچ کي ويهه مَر تنين وٽ،
املهه کي اڌ ڪري، پاڻان هٽندا پٽ،
وجي مُهَر تنين وٽ مت، جي پارکو پارس جا.
(ش، ص 176)

لطيف سرڪار به پنهنجي متقدم وانگر سالڪ کي هدايت ٿو ڪري ته اي عشق حقيقي جي وَٿُ عطا ڪيل عاشق! تون پنهنجي املهه ماڻڪ مَنَ جو احوال انهن سان نه ڪر، جيڪي ڪوڙ جي سودي ۾ مصروف آهن ۽ جن کي ان بي بها موتيءَ جي قدروقيمت جو ڪو اندزو ئي ڪونهي. البت ان جواهر جو وهنوار اتي ڪر جتي اهڙو قابل ۽ ماهر جوهري (سچو رهبر يا ڪامل مرشد جيڪو ان ڪيفيت کي صحيح سڃاڻي ۽ سالڪ کي ان سلسلي ۾ صحيح رهبري عطا ڪري) موجود هجي.

ڀڳت ڪبير چوي ٿو:

الٹ سامنا آپ میں پڑگئی جوت اننت
صاحب سیوک ایک سنگ کھیلیں سدا بسنت۔
(ک بہ ک - ص 33)

(جڏهن مون ٻاهران نظر ڦيرائي اندر وڌي ته لافاني نور ظاهر ٿيو. پوءِ هي حال ٿيو جو آقا ۽ غلام گڏجي بسنت ملهائڻ لڳا (خوشيون ملهائڻ لڳا). اصل ۾ سچو انسان هميشه حق ۽ سچ جي تلاش ۾ رهي ٿو. پر هو ان کي ٻاهر ڳوليندو رهي ٿو، پوءِ جڏهن ٻاهران مايوس ٿي هڪ مَنو ٿي حق جي تلاش ڪري ٿو تڏهن کيس خبر پئي ٿي ته جنهن حقيقي محبوب ۽ مقصود جي تلاش ۾ هو ٻاهر ڀٽڪندو رهيو آهي، سو ته سندس وجود ۾ موجود آهي. ان برحق وجود سان وصال جي منزل ڪانپوءِ سندس جدائي وارا سڀ ڏک ڳڻتيون ۽ پريشانيون دور ٿي وڃن ٿيون. شاهه سائين فرمائي ٿو سُر سسئي آبري ۾:

پيهي جا پاڻ ۾ ڪيم روح رهاڻ،
ته نڪو ڏونگر ڏيهه ۾ نڪا ڪيچين ڪاڻ،
پنهون ٿيس پاڻ، سسئي تان سور هئا.
(شهه - ص 294)

چوي ٿو:

پر گهران پاسو ڪري، پيچ پريان ڪر پاڻ،
سو تان توهين ساڻ، جنهن لئه جفائون ڪرين.
(شه- ص 294)

ڪبير چوي ٿو:

جب میں تھا تو گورو نہیں، اب گورو ہے ہم نانھہ
پریم گلی ات سانگری، شامیں دونہ کانہہ۔
(ک به ک، ص 44)

(جڏهن مان هئس ته گرو نه هئو، هاڻ گرو آهي ته مان ناهيان، ڇو ته محبت جي گلي اهڙي سوڙهي آهي جنهن ۾ ٻن جي گنجائش آهي ئي ڪانه).

وجود جي نفي سيڪاريندي ڪبير عشق حقيقي جي راهه جي پانڌيئڙن کي سبق ٿو ڏئي ته ان رستي تي جيڪڏهن "پنهنجو پاڻ" يعني پنهنجو وجود ساڻ ڪنيو ته منزل تي نه رسندئو، ڇو ته عشق جي ڪوچي ۾ ٻن جي گنجائش ڪانهي، اتي ته صرف هڪ ئي وجود رهڻو آهي. پوءِ يا پنهنجو وجود پيارو ڪري پٽڪندا وتو يا معشوق جو وجود برحق ۽ پيارو سمجهو ۽ پنهنجي هستي ۽ هئڻ کي نابود ڪري منزل ماڻيو.

لطيف سائين چوي ٿو:

ڪين ماڻيندا من ۾ خودي ۽ خدا،
ٻن تراڙن جاء، ڪا آهي هڪ مياڻ ۾؟
(يمن ڪلياڻ، شه، ص 127)

اڳتي سر آسا ۾ چوي ٿو:

" آئون" سين ان پار ڪڏهن تان ڪونه پيو،
"اِن الله وِترٌ يُحب الوِتر" نيئي ٻيائي ٻار،
هيڪڙائي وٽ هار، هنجون جي هئڻ جون.
(شه - 706)

بلڪ شاهه سائين ته پنهنجو پاڻ کي الڳ سمجهڻ کي شرڪ ۾ شمار ڪري ٿو:

" آئون" اوريان جهل تون، ڇڏيم پاڻ پچار،

شرڪ سان ستار! گھٽا گھاريم ڏينھڙا.
(شھ - 706)

پڳت چوي ٿو:
بره بھونگر پيٹھ کے کيا کليجے گھاؤ
بره انگ نہ موڑہيں، جيون بھاوے تيوں کھاؤ۔
(ک به ک، ص: 52)

(ڦوڙائي يا هجر جي نانگ اندر پيهي جگر ۾ زخم ڪري ڇڏيو آهي پر وڇوڙي جا ستايل پنهنجا عضوا موڙين بہ نٿا تہ جيئن انکي وڻي تيئن کائيندو رهي)

يعني پرينءَ جي فراق جا ستايل، ان جي ڏنل سورن ۽ سختين کي بہ ايترو پيارو رکن ٿا جو انهن کي محبوب جي عطا سمجهي ڏاڍي صبر ۽ خوشيءَ سان سهن ٿا. شاهہ سائين ان ڳالهہ جو اظهار ڪندي چوي ٿو:

سگهن سُڌ نہ سور جي، گهايل ڪيئن گهارين،
پيل پاسو پٽ تان، واڍوڙ نہ وارين،
پر ۾ پچن پرينءَ لاءِ، هاٺي هنجون هارين،
سڄڻ جي سارين، تن رويو وهامي راتڙي.
(شھ - ص: 88)

يعني، هو ان درد کي سانديندا رهن ٿا، ڪنهن جو علاج بہ پسند نٿا ڪن ڇو تہ هنن کي اميد آهي تہ مَنَ سندن حبيب سندن حال تي رحم ڪري، سندن خبر گيري ڪري:

ويج! مَ ٻڪي ڏي، الا چڱي مَ ٿيان،
سڄڻ مان اچي، ڪر لاهوتي ڪڍهين.
(شھ ص: 92)

۽ جڏهن سڄڻ سار لهندو تڏهن جدائين ۽ فراق جا سڀ غم ۽ الم هڪ لحظي منجهہ لهي ويندا، ڇو جو ان درد جو علاج صرف ان هڪ معالج وٽ آهي.

دارون ۽ ڪارون، جان ڪي ڪيا ويج مون!
ٻڪي ڏيندا ٻاجهہ جي، نهاري ناڙون،
جن جون سيڻ لهن سارون، تن تان ڏکندو ڏور ٿئي.

(شهہ ص: 92)

ويڇن ويتي ئي، دوس پيهي در آئيو،
صحت جي سريرَ ۾ ڪل ڪرين پيئي،
پيڙ پري ويئي، اچڻ ساڻ عجيب جي.
(شهہ ص: 91)

پرينءَ کان وڇوڙي جو درد، عاشق سان ڪهڙي حالت ڪري ٿو؟ ان کي ڪبير ڀڳت هن طرح بيان ڪري ٿو:

بره بان جے لاگیا او شده لگت نہ تاه
سسک سسک مر مر جئے، اٹھے کراہ کراه۔
( ک به ک، ص: 56)

(جنهن کي فراق جو تير لڳو، ان کي ڪا دوا اثر نہ ڪندي، اهو هميشہ پيو ان درد ۾ ڪنجهندو، مري مري جيئندو ۽ ڪنجهي ڪنجهي اٿندو.)

لطيف سائين ان ساڳي ڪيفيت کي هن طرح بيان ڪري ٿو:

ڪانارئا ڪٽڪن، جنين لوهہ لڳن ۾،
محبت جي ميدان ۾ پيا لال لڇن،
پاٽهي ڀڏن پٽيون، پاٽهي چڪئا ڪن،
وٿان واڍوڙين، رهي اڇجي راتڙي.
(شهہ ص: 87)

اڄ پڻ ڪنجهو ڪنجهہ، واڍوڙڪي منهين،
جي پڻ پين سنجهہ، هؤ پنيون هؤ پٽيون.
(شهہ ص: 87)

هي محبتي جن کي محبت جو ڪان اندر ۾ ڪپي ويو آهي، سي پنهنجي ان درد جي دانهن يا علاج لاءِ ڪنهن ٻئي کي نٿا واجهائين، اندر ئي اندر پيا لڇن ۽ ڦٿڪن، انهن جي منهين مان ڪنجهڪارون پيون اچن، هؤ پاڻ ئي پنهنجي ان درد جي علاج ۾ رُڌل آهن.

ڀڳت ڪبير، مالڪ کي ٻاڏائيندي چوي ٿو:

سرت کرو میرے سائیاں، ہم ہیں بھوَ جل مانھہ
آپ ہی بہہ جائینگے، جو نا پکری بانھہ۔

(ڪ به ڪ، ص: 59)

(اي اسانجا مالڪ تون اسانجي سار سنڀال ڪجان، اسين دنياوي جنجالن جي پاڙي ۾ ڦاٿل آهيون، جيڪڏهن تو ٻانهن نه پڪڙي ته اسان ان ۾ وهي ويندا سون.)

بلڪل ان ئي سوچ ۽ فڪر جو اظهار سر سريراڳ ۾ شاهه سائين ڪري ٿو. هيءَ دنيا جيڪا رنگن ۽ رونقن سان ڀرپور آهي ان ۾ اچي بندو پنهنجي مالڪ کي وساري ٿو ويهي. ان ڪان مالڪ طرفان مقرر ڪيل حدون وسري وڃن ٿيون، بقول لطيف سائين:

مـــــون ڪـــــي مـــــون پـــــريـــــن ٻـــــڏي وڏو ٻـــــار ۾،
ايـــا ائـــيـــن چـــون، مـــتـــان پـــانـــد پسـائـــيـــن.
(شهه - 728)

دنيا جي ظاهري حسن ۽ دلڪشي جو اسير ٿي، هو ان ۾ بريءَ طرح ڦاسي وڃي ٿو ۽ هن کي چڱاين ۽ مداين جو ڪو احساس باقي نٿو رهي. پر آخر ضمير ڪيس جهنجهوڙي سجاڳ ڪري ٿو ۽ انسان کي پنهنجي اصل درجي کان آگاهه ڪري ٿو ۽ پوءِ هو اک پٽي پنهنجي مالڪ کي ٻاڏائي ٿو ته اي مالڪ، آءٌ گناهن جي گند ۾ ٻڏي رهيو آهيان، هاڻي تون ڪرم ڪري، مونکي ان مان پنهنجي ٻاجهه سان ٻاهر ڪڍ. ڀڳت ڪبير جي مٿي بيان ڪيل شعر واري سوچ کي لطيف سائين هن طرح بيان ڪري ٿو:

آڏو چـــڪـــڻ چـــلـــڙ، مـــنـــهـــنـــجـــي مـــوج نـــه ســـهـــي مـــڪـــڙي،
مـــيـــڙي مَـــتـــايـــن جـــو، بـــي حـــد چـــاڙهـــيـــم بـــار،
چـــوڻ چـــارو نـــاهـــي ڪـــو، بـــديـــون بـــي شـــمـــار،
ڪـــپـــر ڪـــارونـــيـــار، اڪـــاريـــن احـــسـان ســـيـــن.
(شهه، ص: 161)

دنيا ۾ چڱن جي بي قدري ۽ بي وقعتي جو ذڪر ڪبير بار بار پنهنجي شاعريءَ ۾ ڪيو آهي. چوي ٿو:

ایک اچنبھو دیکھیا، ہیرا ہاٹ بکائے
پرکھن ہارا باہری، کوڑی بدلے جائے۔
(ڪ به ڪ، ص 61)

(هڪ عجيب ڳالهه ڏٺم ته هيرو هٽ تي وڪجي رهيو هو ۽ جيئن ته پرکڻ وارو (وينجهار) پاڻ ئي اناڙي ۽ بي سمجهه هو تنهنڪري هيرو پائيءَ ملهه وڪجي رهيو هو.)

سچن ۽ نيڪ ماڻهن جي ايتري بي قدري ٿي وئي آهي جو انهن جي سرعام بي عزتي ٿئي ٿي، ويتر جو انهن جي ذات ۾ ڏاهه پرکڻ وارا پاڻ ئي جاهل آهن ته پوءِ انهن هيرن جو پائي ملهه ٿي ويو آهي.

لطيف سائين فرمائي ٿو:

قــــدر وارا ڪــــم ٿـــيــــا، ڪـــتـــا خـــــريـــــدار،
پــــاڻـــيـــت جـــي پـــرڪـــئـــا، ويـــا ســـي ويـــنـــجـــهـــار،
ڪـــيـــنـــر پـــائـــي اڪـــيـــن، لـــهـــن ســـپـــڪـــنـــهـــن ســـار،
صــــرا فـــــنـــــئـــــون ڏار، مــــاڻـــــڪ مـــــلاحضـــــو ٿـــــئـــــي.
(شهه، ص: 176)

نه قدردان رهيا، نه سچو علم رکڻ وارا پارکو رهيا ته هيرن جو قدر ڪير ڪندو. هاڻ ته ڪوڙ جو قدر ۾ ڪاروبار ايڏو وڏي ويو آهي جو نيڪ ۽ سچا ماڻهو ٿيلهجن پيا، بلڪ انهن ڪي اهڙن مڪارن ۾ ڪوڙ جي قدردانن وٽ سچ ڳالهائيندي به شرم ٿو ٿئي:

اڳـــهـــيـــو ڪـــائـــو ڪـــچ، مـــاڻـــڪـــن مـــوت ٿـــي،
پـــلـــئـــه پـــايـــو ســـچ، آچـــيـــنـــدي لـــچ مـــران.
(شهه، ص: 176)

ڀڳت ڪبير اڳتي چوي ٿو:

ہری ہ ہیرا جن جوہری سبن پسارے ہاٹ،
جب آوے جن جوہری تب ہیرو کو ساٹ.
(ک به ک، ص: 62)

(الله پاڪ جي نالي جو هيرو بازار ۾ کليو پيو آهي، چو ته ڪو جوهري نه آهي، جڏهن جوهري (ڪامل مرشد) ايندو، تڏهن ئي ان هيري جي قدروقيمت معلوم ٿيندي.)

انهيءَ بي قدريءَ کي نظر ۾ رکندي لطيف سرڪار دعا ٿو گهري ته شل اهي وينجهار نه لڏين جيڪي هيرن جا پارکو آهن، چو ته اهي ته هيري جو ذرو پرزو جاچي ان جو قدر ڪن ٿا (الله جا عاشق ۽ عارف ئي الله جي عاشقن کي سڃاڻندا). فرمائي ٿو:

وجـــن مَ ويـــنـــجـــهـــار! پـــاڻـــيـــت جـــي پـــرکـــڻـــا،

ڪـيـنـر پـايـو اڪـيـن، لـهـن سـيـڪـنـهـن سـار،
مـوتـيءَ جـي مـزاج جـو قـدر مـنـجـهـ ڪـنـار،
صـرافـنـئـون ڏار، ماڻـڪ مـلاحضـو ٿـئـي.
(شهہ ص: 177)

پرينءَ سان پنهنجي گهري محبت ۽ پنهنجائپ جو اظهار ڀڳت ڪبير اجهو هينئن ڪري ٿو:

نینا انتر آو تون، جیوں ہوں نین جھپنیئوں
ناہوں دیکھوں اور کوں، ناتجه دیکھن دیؤں۔
(کبیربانی- ص: 235)

بلڪل ساڳئي مقصد ۽ موضوع کي لطيف سرڪار، سر آسا ۾ بيان ڪندي چوي ٿو:

اکـيـن ۾ ٿـي ويـهـ، تـہ آءٌ واري ڍڪـيـان،
تـوکـي ڏسـي نـہ ڏيـهـ، آءٌ نـہ پسـان ڪـي ڀـيـو.
(شهہ - 715)

ڪبير چوي ٿو:
موکوں کہاں ڈھوڑھے بندے، میں تو تیرے پاس
نا میں دیول نا میں مسجد، نہ کعبے کیلاس میں
نا تو کوں کریا کرم میں، ناہی یوگ بیراگ میں
کھوجی ہوئے تو ترتے ملیہوں، پل بھر کی تالاس میں
کہیں کبیر سنو بھئی سادھو، سب سانسوں کی سانس میں۔
(کبیربانی، ص: 45)

(اي بندا، تون مونکي ڪٿي ٿو ڳوليندو وتين. مان تہ تو وٽ ئي آهيان، نہ مان ڪنهن مندر يا مسجد ۾ آهيان، نہ ڪعبي ڪيلاش ۾، نہ ڪنهن ظاهري عبادت ۾، نہ يوگ بيراگ ۾، جي ڳولڻ وارو سچو آهي تہ مان گهڙي ڪن جي تلاش ۾ ملي وڃان ٿو. ڪبير چوي ٿو تہ اي ساڌو ڏيان سان ٻڌ، هو تہ هر ساهہ پساهہ ۾ موجود آهي.)

شاهہ سائين ساڳيو موضوع سسئي بابت چيل سُرن ۾ بيان ڪيو آهي، جتي هن سسئيءَ کي "بندي" لاءِ ۽ پنهونءَ کي "رب" لاءِ مستعار ڪيو آهي. سسئي (بنده) اول تہ پنهنجي محبوب ۽ مقصود پنهونءَ (رب) کي هت هُت ڳوليندي رهي ٿي، پر

آخرڪار صحيح منزل تي پهچي ٿي ته اهو پرين ڪنهن ٻئي هنڌ نه، پر خود پنهنجي ساهه پساهه ۾ موجود آهي، رڳو انڪي سچي نيت ۽ محبت سان تلاش ڪرڻو آهي، ڪيس چيو وڃي ٿو:

هــوت تــنــهــنــجــي هــنــج ۾ پــڇــيــن ڪــوهــ پــهــي،
"وَفِـي اَنـفُـسِـڪُـم اَفَـلاتُـبـصِـرُون" ، سـوجـهـي ڪـر سـهـي،
ڪـــڏهـــن ڪـــان وهـــي، هـــوت ڳـــولـــڻ هـــٿ تـــي.
(شهہ 306)

سسئي چوي ٿي:

وڏيـــم ســـپ وتـــاڻ، يـــار ڪـــارڻ جـــت جـــي،
"اللهُ بِـــڪُـــلِ شَـــيءٍ مُـــحِـــيـــط" اِيُ آريـــاڻـــيَ اهـــڃـــاڻ،
ســـپ ۾ پـــنـــهـــون پـــاڻ، ڪـــيـــنـــهـــي ڀـــيـــو ڀـــروچ رِي.
(شهہ، ص: 306)

ڪبير پنهنجي هڪ "واڻيءَ" ۾جيڪا 12 مصرعن تي مشتمل آهي، ان ۾ هو پاڻ ڪان هڪ سوال پڇي ٿو ۽ وري انجو جواب ڏئي ٿو:

پرش:

ڪبیر کب سے بھئے بیراگی
تمری سرت کہاں کو لاگی۔

(سوال - ڪبير تون ڪڏهن کان ويراڳي ٿيو آهين؟ تون ڪنهنجي عشق ۾ مبتلا آهين؟)

اُتر:

بئی چترا کا میلا ناہیں، نہیں گرو نہیں چیلا
سکل پسارا جن دن ناہیں، جہہ دن پرش اکیلا
گورکه ہم تب کے ہیں بیراگی
ہمری مسرت برہم سوں لاگی۔

آخري مصرع آهي:

کہیں کبیر، سنو سو گورکه، چلو گیت کے سنگا۔
(کبیربانی، ص: 129)

(جواب: اجا وحدت ۾ ڪثرت جا جلوا ڏيکارڻ واري، پنهنجو کيل شروع نہ ڪيو هو، جڏهن گرو ۽ چيلي ۾ ڪو فرق نہ هو، جڏهن اجا هن ڪائنات جو ڦهلاءُ نہ ٿيو هو. جڏهن ذاتِ مطلق اڪيلو هو، تڏهن ڪان اي گورک ناٿ ڪبير ويراڳي آهي، تڏهن ڪان مان برهما جي عشق ۾ مبتلا آهيان. مون يوگ ان وقت سکيو جڏهن برهما جي سر تي اجا تاج نہ هو (اجا تخليقِ ڪائنات نہ ٿي هئي) جڏهن وشنوءَ جي نراڙ تي تلڪ نہ هو، جڏهن شِوَ جي شڪتي اجا پيدا نہ ٿي هئي. تڏهن مان ڪاشيءَ ۾ ظاهر ٿيس ۽ رامانند مون کي شعور جي روشنيءَ سان نوازيو، احديت جي اڄ ۽ ان سان ملڻ جي تڙپ مان پاڻ سان گڏ کنيو آيو آهيان. ان سان نهايت نهٺائي سان ملي سگهبو ۽ محبت جو طوفان گهيري چڙهيندو. ڪبير چوي ٿو تہ اي گورک ناٿ بس انجي گيت سنگيت جي آواز سان هم آهنگ ٿي هلندا رهو.)

شاهہ سائين سُر ”رام ڪلي“ ۾ چوي ٿو:

جــتــي عــرش نــہ اپ ڪــو، زمــيــن نــاهــہ ذرو،
نــہ ڪــو چــاڙهــائــو چــنــڊ جــو، نــہ ڪــو ســج ســرو،
اتــــي آديســــيــــن جــــو لڳــــو دنــــگ درو،
پــريــن پــيــن پــرو، نــات ڏنــائــون نــاهــہ ۾.
(شهہ، ص: 825)

چوي ٿو: حقيقي عاشق جو وجود ازل ڪان آهي، جڏهن ڪان اجا نہ عرش هو نہ زمين، نہ چنڊ نہ سج، تڏهن بہ هن حقيقي عاشق، پنهنجي معشوق کي ڳولي لڌو هو، انکي عدم ۾ موجود ڏٺو هو. سُر آسا ۾ شاهہ سائين فرمائي ٿو:

نــڪــا ابــتــدا عــبــد جــي نــہ ڪــا انــتــهــا،
ســي وجــڻ ڪــي ويــا، جــن نــہ ســڃــاتــو ســپــريــن.
(شهہ، ص: 706)

ڀڳت ڪبير ظاهري علم حاصل ڪرڻ ۽ انتي غرور ڪرڻ جي باري ۾ چوي ٿو:

سنسکرت بھاشا پڑھ لینا، گیانی لوک کہو
آسا ترسنا میں بہہ گیو سجنی، کام کے تاپ سہوری۔
مان منی کی مٹکی سر پر، نابک بوجھ مروری
مٹکی پٹک ملو پیتم سے، صاحب کبیر کہو ری۔
(کبیر بانی، 231)

(مون سنسڪرت پڙهي ڇڏي آهي، هاڻ مونکي عالم ۽ مفڪر سڏيو، آرزوئن جي اڄ مونکي ستائي رهي آهي. خواهشن جي باهہ ساڙي رهي آهي، غرور ۽ تڪبر جو بوجھ مٿي تي کڻي هلڻ ۽ ان بوجھ جي هيٺان مرڻ فضول آهي. ڪبير چوي ٿو، ان بوجھ کي لاهي ڦٽي ڪيو، پنهنجي محبوب حقيقي کي سڏيو ۽ ان سان ملي وڃو.)

سنسڪرت، ڪبير جي دؤر جي نهايت اهميت واري زبان هئي، جنهن جو سکڻ يا اچڻ ماڻهن کي غرور ۾ مبتلا ڪري ڇڏيندو هو. اها ئي ڳالهہ ڪندي ڪبير بہ چوي ٿو تہ مون سنسڪرت سکي ورتي آهي سو اي لوڪو! هاڻ مونکي عالم ۽ مفڪر چئو. اڳتي چئي ٿو تہ پر اهڙي علم جو ڪهڙو فائدو جنهن انسان کي پنهنجي نفس ۽ خواهشن تي ضابطو نہ سيکاريو، رهندو منجهس هٺ ۽ تڪبر جهڙي بيماري پيدا ڪئي، تڏهن هو هدايت ٿو ڪري تہ ان هٺ ۽ غرور کي پنهنجي دماغ مان ڪڍي ڦٽو ڪيو تڏهن ئي حقيقي محبوب تائين رسائي ممڪن ٿي سگهندي.

لطيف سائين بہ هن بيت ۾ ان ئي نظريي جو پرچار ڪيو آهي، چوي ٿو:

اکر پڙهي ايا ڳيا، قاضي ٿئين ڪِئا،
پيريئن ۽ پائنيين، ايڏا ايئن مَر آءُ،
اِنَ سرکيءَ سندو ساءُ، پيچ عزازيل کي.
(شهہ، ص: 110)

چوي ٿو تہ اي نادان، تون جو چار اکر پڙهي، پاڻ کي قاضي (عالم، اڪابر، قضا جو صاحب). سمجهڻ لڳو آهين، هٺ ۽ غرور جو مظاهرو ڪرڻ لڳو آهين تہ ان ڳالهہ جو انجام تون عزازيل (شيطان) کان پڇ جنهن کي ان هٺ ۽ غرور هميشہ لاءِ ذات جي گهري کاهيءَ ۾ ڪيرائي ڇڏيو.

ڪبير چوي ٿو:

پوتھی پڑھ پڑھ جگ موا، پنڈت بھیا نہ کوئے
ڈھائی اکھر پریم کے، پڑھے سو پنڈت ہوئے۔
(کبیربانی، ص: 33)

چوي ٿو تہ پوٿين پڙهڻ سان ڪو الله وارو ٿي نہ سگهندو، پر محبت جا جيڪڏهن اڍائي اکر بہ پڙهي وٺو تہ پوءِ توهان الله وارا ٿي سگهو ٿا. يعني مذهبي ڪتاب پڙهي پڙهي پلي توهان ساڻا ٿي پئو، پوٿيون يا قرآن پلي اٿلائي ٿلائي ٿڪجي پئو پر ان طرح سان توهان الله وارا (الله جا عاشق) ٿي نہ سگهندؤ، ان لاءِ توهان کي

پنهنجو "هئڻ" ۽ هٿ ڇڏي محبت ۽ عجز جي واٽ وٺي پوندي ۽ اهو ئي جذبو توهانکي، الله پاڪ جي ويجهو آڻي ٿو. لطيف سرڪار چوي ٿو:

پڙهيو تا پڙهن، ڪڙهن ڪين قلوب ۾،
پاٺان ڏوهه چڙهن، جئن ورق ورائن وترا.
(شهه، ص: 111)

سا سِٽَ نه سارين، الف جنهنجي اڳ ۾،
ناحق نهارين، پنا پيا پرينءَ لئي.
(شهه، ص: 111)

سا سِٽَ ساريائون، الف جنهنجي اڳ ۾،
"لامقصود في الدارين" ، اِنَ پراتائون،
سگر سوناٿون، تيا رسيلا رحمان سين.
(شهه، ص: 109)

ڪتابن جا اُٿ پڙهو، خلقٹهار تي غور ۽ فڪر نه ڪريو، جنهن هن ڪائنات کي ۽ خود توهانکي پيدا ڪيو، ته اهو پڙهڻ ڪهڙي ڪم جو؟ حقيقي علم ته اهو آهي جيڪو توهان ان خالق ۽ مالڪ بابت پڙهو ۽ ان لاءِ محبت شرط آهي. اهائي توهانکي "الف" سان شروع ٿيندڙ علم تائين پهچائيندي ۽ اهو رستو ڏيکاريندي جيڪو توهانکي "رحمان" تائين رسائي.

ڪبير چوي ٿو:

اپنے پرچے لگی، اپنے پے آپ سمانن،
کہے کبیر جسے آپ، چارے مٹی گیا اون جانا۔
(کبیر گرنتھاولی، ص: 90)

چوي ٿو ته اي بندا! جي تون پنهنجو پاڻ سڃاڻين ته "مان" ۽ "تون" جو جهڳڙو ئي ختم ٿي وڃي.

حقيقت تائين پهچڻ لاءِ پنهنجو پاڻ سڃاڻڻ ئي سڀ کان اهم آهي. ان موضوع تي شاعرن جي شاهه لطيف سائين وٽ تمام گهڻي شاعري ملي ٿي. سُر آسا ۾ چوي ٿو:

اسين سڪون جن کي، سي اسين پاڻ،

هاڻ وچ گمان! صحيح سڄاتا سپرين.

(شهہ ص: 722)

"پاڻ" پڙدو پاڻ کي، طالب سٽيج تون،

نہ ڪا ها نہ هون، پڙدا سڀ پري ٿيا.

(شهہ ص: 727)

"مون" مونهين ۾ سڀ جي، من کي "مون" جڳاءِ،

مونهين منجهان مون ٿئي، مونهين جي ساجاءِ،

ڪيڻ ڪانهي جاءِ، ڪيڏانهن ڪريان پنڌڙو.

(شهہ ص: 727)

هن ڪائنات جي سڀ کان وڏي حق ۽ سچ وجود برحق کي سڃاڻڻ ۽ سمجهڻ ۾ سڀ کان وڏي رڪاوٽ انسان لاءِ خود انجو پنهنجو "پاڻ" کي ڪجهہ سمجهڻ آهي، هو جڏهن پنهنجي وجود جي حصار مان نڪري، پنهنجي هست کي نيست ڪري تڏهن ئي ان خالق ڪائنات ۽ محبوب حقيقي کي سمجهي ۽ سڃاڻي سگهي ٿو، پر اهو سڃاڻڻ انسان جي عقل ۽ ادراڪ جي حدن ۾ مشڪل اچي ٿو. ڪبير پنهنجي هڪ 19 مصرعن جي نظم ۾ بہ انهن ئي خيالن جو اظهار ڪيو آهي. شروع وارين مصرعن ۾ چوي ٿو:

بھاری کہوں تو بہو ڈروں، ہلکا کہوں تو جھوٹا۔

۽ آخر ۾ ٿو چوي:

پریتم کو پتیا لکھوں، جو کہوں ہوئے بدیس

تن کے من میں نین میں، تاکو کہاں سندیس۔

(کبیر، ص: 62)

چوي ٿو تہ، مان ان محبوب کي ڇا سڏيان؟ ڳرو ٿو سڏيان تہ ڊڄان ٿو، هلڪو چوان تہ ڪوڙ ٿو لڳي. مان نٿو ڄاڻان تہ هو ڪٿي ٿو رهي، ان کي ڄاڻڻ سڃاڻڻ لاءِ ڪو ويد پران نٿو ٻڌائي بس انکي تہ پاڻئي سڃاڻي سگهبو. ان جي ڪوج ۾ مستقل لڳا رهو تہ آخرڪار منزل تي پهچي ويندؤ. مون پنهنجي اکين جي ڪوٺڙيءَ ۾ هنڌ وڇائي، ان تي پنبڻين جي چادر وڇائي ڇڏي آهي، مون معشوق جي دل ڪٿي ورتي آهي. آخر ۾ چوي ٿو، مان خط معشوق کي لکان جيڪڏهن هو ڪٿي ٻاهر هجي، پر هُو تہ منهنجي من ۽ نگاهہ ۾ موجود آهي تہ هاڻي ڪهڙو پيغام؟!

ان محبوب حقيقي ڪي، ان واحد وجود کي ڳولڻ لاءِ ظاهري علم رکندڙ عالمن، ماڻهن کي اهڙو منجهائي ڇڏيو آهي جو اهي رهندو ئي منزل مقصود تان هٽي ويا آهن. اهو پرين جيڪو ساهه پساهه ۾ موجود آهي اهو انهن کي لوچيندي به نٿو لڀي، هو پاڻ کي نٿا سڃاڻن بلڪ محرومن وانگر دانهون ڪوڪون پيا ڪن. اها ته بندي جي پنهنجي ڪوتاهه نظري آهي جو هر هنڌ حاضر ناظر هستي، پنهنجي من ۾ وسندڙ وجود کان هو بي خبر گهمندا رهن ٿا. شاهه سائين سُر يمن ڪلياڻ ۾، ڀڳت ڪبير جي ان سوچ کي هن طرح بيان ڪري ٿو:

اوريائين اوجون ڪري، منجهايا ملن،
سي پرينئون پري ٿيا، ڳهه ڳهه ڳالهيون ڪن،
سامان اوڏو سپرين، لوچيو تان نه لهن،
دم نه سڃاڻن، دانهون ڪن مٿن جيئن.

اڳتي چوي ٿو:

سڀ ڪنهن ڏانهن سامهون، ڪو هنڌ خالي ناهه،
احد جي ارڪ ٿيا، سڪي ڪانئر ڪبا ڪاهه،
محبت منجهئين مَنَ ماهه، مون اجاڻندي اجهيو.
(شهه - ص: 113)

ڪبير هڪ گيت ۾ ”شبد“ يعني لفظ کي الله پاڪ لاءِ مستعار ڪيو آهي. ”شبد“ عنوان سان چيل بيتن ۾ ڪبير نصيحت ڪري ٿو:

شبد کو کہو جو شبد کو جانو،
شبد سے شبد کو پہچانو.

چئن چئن مصرعن جي ٻن بيتن جي آخري بيت ۾ چوي ٿو:

کہے کبیر شبد کو پرکھو
شبد ہی ایشور ہے بھائی. (ڪبير- ص:43)

چوي ٿو ته اي سالڪ ”لفظ“ کي پرکيو، انجو انت لهو، لفظ جي ذريعي ئي لفظ جي ته تائين پهچو. لفظ ئي عرش آ ته لفظ ئي پاتال، يعني شبد ئي سڄو سنسار آهي، ڪل ڪائنات آهي. شبد ئي گفتار آ، شبد ئي سماعت، شبد تصور، شبد حقيقت، شبد

ئي مختلف مقدس ڪتاب، شبد ئي هست، شبد ئي نيست، شبد ئي ساري ڪائنات جو تخليقڪار. ڪبير چوي ٿو ته شبد يعني "لفظ" کي چگيان سجاڻو، اي پائرو لفظ ئي ته خالق آهي.

هڪ ٻئي 10 مصرعن جي نظم ۾ "شبد" جي تعريف هن ريت ڪري ٿو:

سادھو شبد سادھنا کیجئے
جیہی شبد تے پرگھٹ بھئے سب سوئی شبد گہی لیجئے

آخري مصرعون اٿس.

شبدے کایا جگ ات پانی شبدے کیری پسارا
کہیں کبیر جہاں شبد ہوئے، بھوں بھید ہے پیارا۔
(کبیر دویدی، ص: 268)

(اي دانائو، "لفظ" کي سجاڻو. ان لفظ تائين پهچو جتان هر شيءِ جو جنم ٿئي ٿو، "لفظ" ئي گرو آ ته لفظ ئي چيلو، اهو ئي مرشد اهو ئي مريد، عاقل آهن جيڪي ان راز کي سمجهن ٿا. ويد ۽ پران شبد آهي. شبد ۾ ئي خدا موجود آ، اهو ئي داتا ۽ ولي پيدا ڪري ٿو. ان لامحدود ۽ لامتناهي شبد کي ڪڏهن به فنا ناهي. شبد ئي عشق ۽ محبت جو تعين ڪري ٿو. شبد ئي ڇهن نظامن تي حاوي آهي، شبد ئي قلندر ۽ ويراڳي بنائي ٿو، شبد ئي هي ساري ڪائنات خلقي ۽ ان کي وسعت ڏني. ڪبير چوي ٿو ته جتي شبد آهي اتي دنيا جو ڳجهه/راز عجيب آهي. (دويدي ڪبير نظم 59، ص: 228)

شاهه لطيف ساڳئي نظريي کي بيان ڪندي چوي ٿو ته بندو ان علم، ان ڄاڻ تائين نٿو پهچي جتي هو "الف" يعني "حق" کي سڃاڻي. هو اجايو ٻيا واهڻ ولوڙيندو رهي ٿو جن مان ڪيس ڪجهه به حاصل ٿيڻو ناهي.

سا سٽ نه ساريِن الف جنهن جي اڳ ۾،
ناحق نهاريِن، پنا ٻيا پريئن لئي.
(شهه - ص: 110)

هارائج هنيين ۾، الف سندي اوڙ،
ته ڪتابن جي ڪوڙ، منجهان ئي معلوم ٿئي.
(شهه - 112)

چوي ٿو ته اي بندا! تون پنهنجي من ۾ "الف" کي نقش ڪري ان تي ئي سوچ

فڪر ڪري، ان کي ٿي سمجهڻ ۽ پروڙڻ جي ڪوشش ڪر ته ان ٿي حرف منجهان توکي سڄي ڪائنات ۽ مقصد ڪائنات جا راز معلوم ٿي ويندا. چوي ٿو:

سـا سـت سـاريـائـون، الـف جـنـهـن جـي اڳ ۾،
”لامـقـصـود فـي الـداريـن“ ، ان پـر اتـائـون،
سـڳـر سـوتـائـون، ٿـيـا رسـيـلا رحـمـان سـين.
(شھ - ص: 109)

شاهه سائين فرمائي ٿو ته الله پاڪ جي سچن عاشقن اهو ئي علم حاصل ڪيو، پڙهي ۽ پروڙي ورتو هو ته ٻنهي جهانن ۾ سواءِ ان صاحب جي (جنهن جو پرتوو هنڌ هنڌ موجود آهي، جنهن جي وجود جي وحدت جي شاهدي ڪائنات جو ذرو ذرو ڏئي ٿو.) سندن ٻيو ڪو مقصد ناهي. آخرڪار هنن اهو پيچرو ڳولي ورتو، جنهن تان لنگهي هو پنهنجي محبوب ۽ مقصود سان وصال ماڻن ٿا.

لطيف سائين ۽ ڀڳت ڪبير جي ڪلام ۾ ڪجھ ساڳيا استعارا ۽ تشبيهون به ملن ٿيون. مثال طور ڪبير ”مرشد ڪامل“ جي عنوان تحت ڏنل شبد جي ٻئي بند ۾ هنس پکيءَ کي نيڪ ماڻهو ۽ عاشق حقيقي يا سالڪ طور مستعار ڪيو آهي ۽ ڪانگ توڙي ٻگھ کي، ڪلچٽي ۽ دنياوي حرص و هوس ۾ ڦاٿل ماڻهوءَ لاءِ مستعار ڪيو آهي. ڪبير چوي ٿو:

هرجن هنس دسائیں ڈولے
نرمل ناؤ چوئے جس بولے
مانسرو ورتٹ کے واسی
رام چرن چت آن اداسی
مکتاہل بن چنج نہ لاوئے
موں گھے کے ہر گن گاوئے
کوا کبدھ نکٹ نہیں آوے
سو ہنسا نج درسن پاوے
کہے کبیر سوئی جن تیرا
کھیر نیر کا کرے نبیرا۔
(سنت ڪبير- ص: 167-168)

ان کان اڳتي ”غفلت ڪي نيند“ نالي ڏنل شبد ۾ چوي ٿو:

صاحب بھجے سو ہنس گھاوے، کامی کرودھی کاگ رے

کہے کبیر سنو بھئی سادھو، پرگئے پورن بھاگ رے۔
(سنت کبیر—ص: 176)

”پارکهه“ جي عنوان سان ڏنل ساکيءَ ۾ ساڳيو ئي استعاراتي استعمال هن ريت ڪري ٿو:

جو ہنسا موتی چگے، کنکر کیوں پتیائے
کنکر ماتھا نہ نوے، موتی ملے تو کھائے
جا کاچارا موتیا، گھونگھے کیوں پتیائے۔
ہنسا بگلا ایک سا مانسروور ماهیں،
بگلا ڈھنڈھورے ماچھری ہنسا موتی کھاهیں۔
(سنت کبیر - ص: 365)

ڀڳت ڪبير چوي ٿو ته هنس (هنج) پکي هميشه موتين جي تلاش ۾ رهي ٿو جو ته اهو ئي انهن جو کاڄ آهي. هو ڪڏهن به گند ۾ چهنب نٿو هڻي، پر بگهه هميشه مڇيءَ ۽ گند ڦٽ جي تلاش ۾ رهي ٿو، حالانڪ ٻئي مانسروور جا رهواسي آهن پر هنج صاف سٿرو رهي ٿو ۽ گند کان پاسو ڪري ٿو پر بگهه انجي ابتڙ گند جي ڳولا ۾ ئي مست رهي ٿو يعني الله پاڪ جا نيڪ خصلت ۽ سچا ٻانها هن گنديءَ دنيا ۾ رهندي ڪندي به پنهنجا پلئه ان گند ۾ ٻڏڻ کان بچائي ٿا رکن، پاڻ کي دنيا جو ڪرڻ بدران، خالص الله پاڪ لاءِ پاڻ کي وقف ٿا ڪن، پر ساڳئيءَ دنيا ۾ رهندڙ حرص ۽ هوس جا پوڄاري، پنهنجي اصل مقصد ۽ مقصود کي وساري ان گند ۾ ڪاهي پون ٿا ۽ ان تي خوش به ٿين ٿا. شاهه سائين به هنج، ڪنگ ۽ بگهه جو ساڳيو ئي استعاري استعمال ڪيو آهي. اهڙو اظهار پاڻ ”سُر ڪارايل“ ۾ ڪيو اٿس. هو هنج (نيڪ خصلت انسان، سالڪ/عاشق) کي ڪنگن ۽ بگهن (دنياوي حرص و هوس جي گند ۾ ڦاٿل ماڻهو) سان ڪنهن به قسم جي تعلق ۽ دوستي کان منع ڪري ٿو ۽ چوي ٿو ته جيتوڻيڪ هو ساڳي ماحول ۽ ساڳي هنڌ تي ڪنگن ۽ بگهن سان گڏ گهمندا وتن ته به هنن جون عادتون ۽ اخلاق بلڪل ٻي طرح هوندا آهن.

هاريا هنج! بگهن سين، ڪيهي ٻڌين ٻيلهه،
ميرو متائيج تون، اچي ڪر اڪيل،
ڪنگن سين ڪُويل، لالا جِمَر لُڙ پيين.
(شهه - ص: 850)

اڳتي چوي ٿو:

مــاٽــڪ چــوٽــو جــن جــو، هــنــج حضــوري ســي،
چــلــر ۾ چــهــنــب هــڻــي، مــڇــي ڪِــيــن نـــ اي،
لــوڪ نـــ لــڪــيــا تــي، جــيــلانــهــن پــوٽــن پــڳــهــن گــڏيــا.
(شھ - ص: 853)

پنهنجي پنهنجي دور جي هنن ٻن عظيم شاعرن جي موضوع، تخيل ۽ اظهار جي هڪجهڙائي تہ ڏسو: ڪبير هڪ ساکيءَ ۾ چوي ٿو:

چونسٹھ دیوے جوئی کے، چودھ چندا ماھیں
تھہ گھر کس کا چاندنا، چھہ گھر ستگرو ناھیں
نس اندھیاری کارنی، چوراسی لکھ چند
گورو بن اینتی ادی هوویں تھو سدرشٹھہ مند.
(سنت کبیر، ص: 315)

گروءَ جي تعريف ڪندي چوي ٿو تہ چوهٺ ڏيئن جي روشني هجي يا چوڏهن چنڊن جو نُور، پر ان گهر ۾ سوجهرو ڪيئن ٿيندو جت گُرو (مرشد ڪامل) نہ هوندو، چو تہ جي گرو ناهي تہ چوڏاري بيشمار چنڊن جي روشنيءَ هجڻ باوجود بہ اوندهہ انڌوڪار هوندي.

سُر ڪنيات ۾ شاهہ سائين ان تخيل کي ٻن مصرعن ۾ سمائي ڇڏيو آهي. چوي ٿو:

ســهــســيــن ســڄــن ايــري، چــوراســي چــنــڊن،
بـــاالله رِيَ پـــريـــن، ســـپ اونـــداهـــي پـــانـــئـــيـــان.
(شھ - ص: 133)

ڪبير "واچڪ گيان" نالي ساکيءَ ۾ مئل هاٿيءَ جو مثال ڏيندي هڪ نهايت ڳوڙهي ڳالهہ چئي ويو آهي تہ ظاهر جو علم يا دليل رکندڙن عالمن جو مثال بہ انهن اندر جي انڌن جهڙو آهي جن مئل هاٿيءَ کي هٿن جي ڇهاءُ سان ٿي سڃاتو. پر ايڏي وڏي شيءِ انهن کي نظر ايندي بہ چڻ نظرن کان اوجهل هئي. چوي ٿو:

جیون اندھرے کو ہا تھیا، سبھہ کاھو کو گیان
اپنی اپنی گھت ہیں، کا کو دھریں دھیان
اندھرن کو ہاتھی صحیح، ھیں ساچے سگرے

هاتهن کے ٹوٹے کہیں، آنکهن کے اندهرے۔

(سنت کبیر، ص: 358)

ظاهر جي عالمن لاءِ لطيف سائين بہ حيرت انگيز طور تي ساڳئي مثال سان ”سُر آسا“ ۾ چوي ٿو:

مئي هاتي تي مامرو اچي پيو اندن،
مناڙين هٿن سين، اکين ڪين پسن،
في الحقيقت فيل کي سڄا سڃاڻن،
سندي سردارن، بصيرت بينا ڪري.

(شهہ - ص: 718)

نام نالي هڪ ساکيءَ ۾ ڪبير لوهہ کي هڪ عام ماڻهو ۽ پارس کي گُرو (مرشد/مالڪ) لاءِ مستعار ڪيو آهي. چوي ٿو تہ جڏهن لوهہ، پارس سان گڏجي ٿو، تڏهن ئي انجي زندگي سڦل ٿئي ٿي:

پارس روپی نام ہے،لوہاروپی جیو
جب جا پارس بهینٹ ہے، تب جو ہو سی سیو
پارس روپی نام ہے لوھ روپن سنسار۔

(سنت کبیر، ص:367)

شاهہ سائين سر پرڀاتيءَ ۾ پارس ۽ لوهہ جو اهو ئي استعاراتي استعمال ڪيو آهي. هو رب واحد کي پارس ۽ پنهنجو پاڻ (بندي) کي لوهہ چوي ٿو. هو بي حد عجز ۽ نياز سان چوي ٿو تہ ان لوهہ وانگر بي وقعت آهيان پر اي مالڪ تون تہ پارس آهين، جيڪڏهن مون بيڪار ۽ بي وقعت تي پنهنجو رحم ۽ ڪرم ڪرين تہ هوند مان بہ سون ٿي پوان. تنهنجو فضل ۽ ڪرم مون کي بہ جيڪر وڏي درجي ۽ وڏي رتبي تي پهچائي ڇڏي. لطيف سائين چوي ٿو:

ات ڪيرت وارا ڪيترا، ڪيرت ڪبو ڪوهہ،
جيڪي بندو ڪم ڪري، سو مڙوئي ڏوهہ،
تون پارس آءٌ لوهہ، سَڃين تہ سون ٿيان.

(شهہ - ص: 859)

پڳت ڪبير پنهنجي ساکيءَ ۾ پڪي لال رنگ کي محبت سان تشبيهہ ڏني

آهي.

مجٺ: پسارڪي وکر جو هڪ قسم. هڪ قسم جي وڻ جي ڪاٺيءَ جو هڪ قسم (جنهن مان ڳاڙهو رنگ نڪري).

ڪبير چوي ٿو:

ست گرو ہے رنگریج، چنر موری رنگ ڈاری
ساہی رنگ چھڑائی کے، دیئو منجیٹھو رنگ
دھوئے تے چھوٹے نہیں رے، دن دن ہوت سرنگ۔
(سنت کبیر، ص: 292)

لطيف سرڪار اها ساڳي تشبيهه سُر حسينيءَ ۾ سسئي جي رتانون ڳوڙهن لاءِ استعمال ڪئي آهي. چوي ٿو:

آن ڪـــي ســـاٿـــي ڏٿ. جـــي مـــون ويـــڙهـــ وجـــائـــيـــا.
روئـــان رت مـــجـــٺ. هـــاڻ تـــن پـــريـــن ڪـــي.

ڀڳت ڪبير عشق (پريم) جي باري ۾ "منتخب ڪلام" ۾ ڪجھ شبد چيا آهن. جن ۾ ۽ شاهه سائين جي ان موضوع تي چيل بيتن ۾ به ڪافي هڪجهڙايون ملن ٿيون. ڪبير چوي ٿو:

جو توہہ پریم کھلنوا چاؤ
سیس اتار محل میں آؤ۔
(سنت کبیر، ص: 274)

(جي پريم جي راند کيڏڻ چاهين ٿو ته پهرين پنهنجو مٿو لاهه يعني خودي فنا ڪر پوءِ محبوب جي محل ۾ قدم رک.)

اڳتي "پريم" نالي ساکي ۾ چوي ٿو:
سیس اتارے بھونئین دھرے، تب پیٹھے گھر ماھیں
سیس اتارے بھونئین دھرے، تا پر راکھئے پاؤں
پریم نہ باڑی اوپجے پریم نہ ھاٹ بکائے۔
اڳتي چوي ٿو:
پریم بکنتا میں سنا، ماتھا سائے ھاٹ
بوجھت بلمب نہ کیجئے، تت چھن دیجئے کاٹ۔
(سنت کبیر، ص: 441-442)

ڪبير چوي ٿو تہ عشق جي محل ۾ اهو داخل ٿيندو، جيڪو اول پنهنجو سر لاهي ڌرتيءَ تي ڌري، جو تہ عشق نہ تہ ڪنهن واريءَ ۾ ڦٽي ٿو ۽ نہ ڪنهن هٽ تي ٿو وڪامي. ان جو سودو ڪرڻ لاءِ تہ عيوض ۾ توهانکي پنهنجو سر (وجود) قربان ڪرڻو پوندو ۽ ان هوندي بہ جيڪڏهن عشق پلئہ پئي تہ اي سالڪ ان تي سوچ ويچار نہ ڪر بلڪ هڪدم سر ڏيئي عشق حاصل ڪر.

عشق بابت ساڳيا ويچار شاهہ سائين جي سُر يمن ڪلياڻ ۾ ملن ٿا. هي سڄو سُر تصوف جي رمزن ۾ رچيل ۽ عشق جي آزمائش جي بيان بابت آهي. لطيف سائين فرمائي ٿو:

محبت جي ميدان ۾، ڪر پڙاڏو پٽ،
سو سوريءَ، ڏڙڪنگرين، متان ڪچين ڪٽ،
عشق نانگ نپٽ، خبر ڪاڏن ڪي پوي.

محبت جي ميدان ۾، سر جو سانگ مَ ڪر،
لاهي سر لطيف چئي، دوسن اڳيان ڌر،
عشق نانگ اپر، خبر ڪاڏن ڪي پوي.

اڳتي چوي ٿو:

عشق نہ آهي راند، تہ ڪي ڪنس ڳيرو،
جيءَ، جُسي ۽ جان جي، پڇي جو هيڪاند،
سسي نيزي پاند، اچل تہ اڏ تئي.
(شهہ - ص: 118)

سُر ڪلياڻ ۾ لطيف سائين چوي ٿو:

اصل عاشق پانهنجي سسي نہ ساندين،
لاهيو سر لطيف چئي، ساهہ سلاڙيو ڏين،
ڪلهنئون ڪورين، پڇن پوءِ پريتڙو.
(شهہ - ص: 76)

شاهہ سائين ۽ ڪبير جي ڪلام ۾ هتي بيان ڪيل خيال، الهام ۽ بيان وغيره

جون هڪجهڙايون، اهو ثابت ڪن ٿيون تہ پنهنجي پنهنجي دور جا هي عظيم صوفي شاعر، هڪ ئي راهہ جا پانڌيئڙا آهن. ٻنهي واحد حقيقي وجود ۽ حقيقي محبوب جي باري ۾ ساڳين خيالن جو اظهار ڪيو آهي. جيتوڻيڪ ٻنهي جي درميان (ڪبير وفات 1518ع)(8) (شاهہ پيدائش 1689ع)(9) لڳ ڀڳ پوڻن ٻن صدين جو فاصلو آهي ۽ ان دور ۾ ڪميونيڪيشن جا ذريعا بہ نہ هئڻ جهڙا هئا ۽ شاهہ لطيفؒ جي سوانح مان بہ ڪٿي اهو ثابت نٿو ٿئي تہ پاڻ ڪبير جو مداح هو يا ان جو مطالعو ڪيو هئائين، ان هوندي بہ سندن فڪر ۽ تخيل جي هم آهنگي ان ڳالهہ جي شاهدي ڏئي ٿي تہ پاڻ ساڳئي ئي درد (عشق حقيقي) ۾ مبتلا هئا ۽ ساڳي ئي نظريي (تصوف ۽ ويدانت) جا پرچارڪ هئا.

## مکيہ مددگار ڪتاب


1. جاويد، آصف -(منتخب كلام) ”کہے بھگت کبیر“ نگارشات 3، ٹیمپل روڈ، لاہور، 1999ع-
2. ماچولے، پربھاکر- ”کبیر“ ، ساہتیہ اکیڈمی، نیو دہلی، پہلا ایڈیشن، 1983ع-
3. جعفری سردار (مرتب) ”کبیربانی“، ذکی سنز پرنٹرس، کراچی، پہلا پاکستانی ایڈیشن، 2001ع-
4. شاهواڻي، غلام محمد (مؤلف)، ”شاهہ جو رسالو“، سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچي، 1993ع.
5. سيٺي، شانتي -”سنت ڪبير“، (شري ويريندر سيٺيءَ جي انگريزي ڪتاب، ”Kabir the weaver of God's name“ تي مبني) راڌا سوامي ست سنگ بياس، جالندهر، 1993ع.


## حوالا


1. عباسي، تنوير، ”شاهہ لطيف جي شاعري“ ٽن جلدن ۾، نيو فيلڊس پبليڪيشن، ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد، 1989ع، ص: 210.
2. Sorley, H.T. Dr., "Shah Abdul Latif of Bhit", Oxford University Press, Pakistan Branch, Reprinted 1966, Karachi. P-169.
3. جوڻيجو عبدالجبار، ”سنڌي ادب جي مختصر تاريخ“، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، 1994ع، ص: 42.

4. Gulraj, Jethmal Persram , “Sindh & its Sufies”, Sang-e-meel publications, Urdu Bazar, Lahore, 1979, P:82,83.

5. عباسي، تنوير، ”شاهہ لطيف جي شاعري“، ٽن جلدن ۾، ص: 37.

6. Jethmal Persram Gulraj, “Sindh & its Sufies”, P:83.

7. جوڻيجو عبدالجبار، ”سنڌي جي مختصر تاريخ“، ص: 37.

8. جوڻيجو عبدالجبار، ”سنڌي جي مختصر تاريخ“، ص: 37.